ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

CC BY NC

قربان علي شر
سينيئر سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي) ،آء بي اي ڪميونٽي ڪاليج خيرپور، سنڌ، پاڪستان

# شاهه لطيف جي ڪلام درد جي جماليات

**Qurban Ali Shar***
Senior Subject Specialist (Sindhi) IBA Community College Khairpur, Sindh, Pakistan
***Corresponding Author:**

## The Aesthetics of Pain in Shah Latif's Poetry

Shah Abdul Latif Bhittai is one of the great Sufi poets of Sindh, who has described the deep aspects of human life, love, spirituality and nature through his poetry. The most prominent and influential aspect of his poetry is the "aesthetics of pain". Aesthetics refers to the recognition of beauty, grace and elegance. When a pain or sorrow is presented in such a way that beauty and meaning are created in it, it is called the "aesthetics of pain". Shah Latif has presented pain in his poetry in such an artistic way that the reader or listener derives spiritual peace and intellectual enlightenment from it. Shah Latif does not consider pain as just pain or suffering, but presents it as a source of beauty, truth and spiritual elevation. In Shah Latif's view, pain is an essential part of love. In his opinion, a true lover accepts pain, because it is pain that brings him to his beloved. Love is incomplete without pain, and pain is meaningless without love. In this way, pain and love are linked to each other.  In Shah Latif's poetry, along with pain, patience is of great importance. The heroines bear their sufferings with patience, which shows their greatness. Shah Latif conveys the message that pain endured with patience takes a person to a higher level. In Shah Latif's poetry, pain is not presented in a negative way, but in a positive and constructive way. His poetry tells us that pain refines a person, takes him to a higher level of love and gives spiritual peace. Shah Latif's message is that real beauty lies in pain, and it is that makes a person complete.

**Key Words:***Shah Abdul Latif Bhittai, Poetry, Sufi poet, Sindh, Human Life*

ماخذ تحقیقی مجلہ

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

شاه لطيف دنيا جو اهو شاعر آهي جنهن جي ڪلام جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا موضوع آهن سندس ڪلام ۾ تمام گهڻي موضاعاتي وسعت آهي. سندس سمورو رسالو فني ۽ فڪري خوبين سان ٺمٺار آهي. شايد هي دنيا جو واحد شاعر آهي جنهن جي ڪلام تي تحقيق جي حوالي سان سڀ کان وڌيڪ ڪم ٿي چڪو آهي پر سندس فن ۽ فڪر ايترو ته وسيع ۽ گهرو آهي جو اجان تائين سندس ڪلام تي گهڻ رخي ۽ تمام گهڻي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. سندس شاعري جا هوئنئن ته انيڪ موضوع آهن جن ۾ سچ، سونهن، سرت، بي چيني، محبت، قرباني، جدوجهد، حب الوطني وغيره اچي وڃن ٿا پر انهن سڀني مان سڀ کان وڌيڪ حاوي موضوع ”درد ۽ جماليات“ ئي آهي. انسان جو درد سان ازلي ساٿ رهيو آهي جنهن ڪري شاه لطيف جي ڪلام ۾ به هن موضوع جو مذڪور اسان کي سرس ۽ سوايو ملي ٿو. جماليات ۾ درد جي جمال کي اهم حيثيت حاصل آهي اهو درد ئي آهي جيڪو انسان ۾ تخليقي سگهه پيدا ڪري ٿو ۽ ڪيس روح کي راحت بخشي ٿو. جرمن اسڪالر نتشي پڻ درد کي اندر جي اوجر ۽ روح جي نجات جو ذريعو قرار ڏنو آهي.

جماليات جي تاريخ به هن ڪائنات جيتري قديم ۽ اوائلي آهي ۽ ان جي اوسر انساني شعور سان گڏ ٿي آهي. جماليات لفظ ’جمال‘ يعني سونهن مان نڪتل آهي. ’جماليات‘ کي ’Aestheticism‘ سڏيو وڃي ٿو. Aestheticism هڪ يوناني لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي اهي شيون، جيڪي حواسن سان ماڻي سگهجن. جيڪو آرٽ، موسيقيءَ ۽ ادب ۾ ”حُسن“ تلاش ڪري ۽ ان سان وابسته ٿئي. هتي ’جماليات‘ اُن مفهوم سان وابسته آهي. اهڙا علمَ يا فنَ، جنهن جو واسطو خوبصورت توڙي حسين شين سان هجي (جيئن شاعري، موسيقي، مصوري وغيره) شيخ اياز پنهنجي ڪتاب، ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ ۾ لکيو آهي، ”مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته چنڊ اکين کي ايترو چو ٿو وڻي؟ ان ۾ اهو ڇا آهي، جنهن کي اسان حُسن چئون ٿا؟ مادي فلسفي ۾ اعتبار رکندڙ چون ٿا، ته حُسن ڪوئي دائمي قدر نه آهي. ان جي تصور ۾ زمان ۽ مڪان جي فاصلي سبب ڪيترو ئي اختلاف آهي، پر مان پڇان ٿو، ته ائين چو آهي، ته دور قديم کان وٺي اج تائين چنڊ کي حسين

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN(O): 2709-9644
Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

سمجهيو ويو آهي؟ اهڙو ڪوئي به دور ۽ اهڙي ڪائي به جاءِ نه آهي، جتي انسان چند کي حسين نه سمجهيو هجي! ان ۾ اهو چا آهي، جنهن کي اسان حُسن چئون ٿا؟ ۽ انسان ۾ اهو ڇا آهي جو ان جي حسن کان يڪدم متاثر ٿي وڃي ٿو؟ " (١) عام طور تي جماليات کي به فلسفي جي هڪ شاخ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حُسن ۽ جمال جي ماهيت، اسلوب، قدرن ۽ معيارن تي بحث مباحثو ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو تعلق شين جي جمالياتي جانچ پرک ۽ نظريا سازي سان آهي . حقيقت ۾ جماليات به فلسفي جي ئي شاخ آهي، جيڪا فن جي حُسن ۽ تنقيدي فن جي معيارن توڙي قدرن تي بحث ڪري ٿي. اڳوڻي زماني ۾ جماليات جي معنيٰ اهو علم هو، جيڪو حُسن ۽ جمال جي هيئيت سان تعلق رکندڙ مجرد تصورن تي بحث ڪندو هو. جديد فلسفي موجب جماليات، اها سائنس آهي، جيڪا تخليقي ۽ حُسن جي تجربن جي معيارن ۽ قدرن تي بحث ڪري ٿي. اها نوعيت ۽ عمل جي اعتبار کان منطق ۽ نفسيات کان مختلف آهي.

ان باري ۾ وڌيڪ چٽائي ڪندي ڊاڪٽر سليم اختر پنهنجي ڪتاب، 'مغرب مين نفسياتي تنقيد' ۾ لکي ٿو ته "بظاهر جماليات ۽ نفسيات ۾ ڪوئي قدر مشترڪ نظر نه ٿو اچي، پر حقيقت ۾ جماليات، حُسن ۽ ان سان واسطو رکندڙ مسئلن ۽ مامرن جو فلسفو آهي. حُسن ۽ حُسن جي مشاهدي جا سيئي مامرا بنيادي طور تي انساني ادراڪ، حواس ۽ ذهني اعصاب سان وابسته آهن ۽ اهي سمورا عنصر نفسيات جي دائري ۾ اچن ٿا."[2]

حقيقت ۾ جماليات تمام گهڻو ڳوڙهو، وسيع ۽ گهڻ رخو موضوع آهي. ان جو دائرو ايڏو ئي وسيع آهي، جيتري هيءَ دنيا گوناگون ۽ وسيع آهي."خدا جي جمال کان وٺي انسان جي حُسنِ نظر ۽ زمين تي موجود ذرن کان وٺي سج جي صداقتن تائين جا سلسلا جماليات جو موضوع آهن. جماليات جو بحث ديني، اخلاقي، فلسفيانه نفسياتي، معاشرتي، انفرادي، ايتري تائين جو معاشي نقط نظر کان به ڪيو ويو آهي. خالص مابعدالطبيعات جي نقط نظر سان هيءُ بحث، انسان جي وجود کان پهريان جي دنيا ۽ ان جي وجود کان پوءِ جي ڪائنات جي حُسن ۽ احساسِ جمال تي مرڪوز رهيو آهي". [3]

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

جماليات بابت نہ رڳو عام ماڻهو پنهنجي بصيرت ۽ علم جي آڌار تي پنهنجي هڪ راءِ ۽ احساسَ رکي ٿو، پر هي موضوع دنيا جي هر مفڪر جي توجهه جو مرڪز رهيو آهي، پر جيئن چوندا آهن، جيترا وات اوترين ئي ڳالهيون، ائين دنيا جي عالمن ۽ ڏاهن هن وقت تائين پنهنجي علمي ڄاڻ، خيالن ويچارن، محسوسات ۽ نظرين جي بنياد تي جيڪي خيال پيش ڪيا آهن، اهي بنهه متضاد اڻ پورا ۽ اڌورا آهن. ”اهو ئي سبب آهي، جو حُسن ۽ سونهن جون هن وقت تائين دنيا ۾ جيتريون تعريفون ۽ وصفون پيش ڪيون ويون آهن، ايتريون شايد ڪنهن ٻي شيءِ جون ڪيون ويون هجن“ .(4) پر ان باوجود اها بہ حقيقت آهي تہ اسان وٽ هن وقت تائين جماليات جي حوالي سان جيڪو مواد موجود آهي، اهو انهن عالمن ۽ دانشورن جي ذهني ۽ فڪري ڪاوشن جو نتيجو آهي.

جماليات، بنيادي طور فلسفي جو ئي موضوع آهي، ان ڪري انهيءَ موضوع تي بحث ڪرڻ کان اڳ اسان کي ول ڊيورانٽ جا هي لفظ پڻ ذهن ۾ رکڻ گهرجن تہ:

In philosophy there are many absolutes but no certainties

فلسفو هڪ اهڙو علم آهي، جنهن ۾ ڪيئي شيون مطلق آهن، پر ڪا بہ شيءِ قطعي ڪانهي.

هر ماڻهوءَ جي پسند ۽ ناپسند، ان جو مختلف شين ڏانهن لاڙو، انهن کي محسوس ڪرڻ، پرکڻ، جاچڻ جو رَويو ۽ انداز ڌار ڌار ۽ مختلف ٿئي ٿو. هر قوم ۽ هر ملڪ کي پنهنجي ثقافت، ٻولي، مخصوص ريتون، رواج رسمون ۽ لوڪ ڪهاڻيون آهن، ان ڪري هر ماڻهوءَ لاءِ حُسن جا معيار، ماپا ۽ ان جون وصفون بہ جدا جدا ٿين ٿيون. آفريڪا جي جهنگلن ۾ رهندڙ ماڻهن کي گهري ڪاري رنگ، ٿُلهن چپن ۽ چهري تي رهڙون آيل مُنهن مهانڊي ۾ حُسن ۽ خوبصورتي نظر اچي ٿي. يونانين کي مرداڻي وجاهت، سڊول ۽ متوازن جسم ۾ سونهن محسوس ٿئي ٿي. ايراني خماريل ۽ نشيلي نيڻن ۾ حُسن کي پَسن ٿا. جپانين ۽ چينن کي ننڍڙين اکين ۾ سونهن ۽ حسن نظر اچي ٿو. پر اسان کي چيرويِون ۽ وچوليون اکيون وڻن ٿيون. رومين وٽ طاقت، عظمت ۽ تناسب جو اصل احساس ئي حُسن آهي. سونهن جا قدر ۽

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16



احساس ۽ سماج جي فڪري ۽ اخلاقي قدرن ۽ معيارن جيان مختلف ٿين ٿا ۽ وقت جي تبديليءَ سان گڏ اهي معيار ۽ تبديل ٿيندا رهن ٿا.

آفريڪي ماڻهن لاءِ جيڪا عورت خوبصورت ۽ حسين آهي، مشرقي ۽ مغربي ماڻهن جي نظر ۾ اها ئي عورت ڪوجهي ۽ ڪاري ٿئي ٿي. ساڳيءَ طرح ايشيائي ملڪن جي ماڻهن لاءِ جيڪا شيءِ خوبصورت ٿئي ٿي، آفريڪين لاءِ اها ڪا ئي جاذبيت ۽ ڪشش ڪونه ٿي رکي.

سندرتا يا خوبصورتي ازل کان پنهنجو اثر ظاهر ڪندڙ عنصر ثابت ٿيو آهي، اهو ئي اثر آهي جيڪو ڪڏهن خوشي، چين، سڪون يا راحت جي دنيا ۾ انسان کي سير سفر ڪرائي ٿو ته ڪڏهن وري غم، اذيت ۽ پيڙا يا ڏک کان انسان کي واقف ڪرائي ٿو. بحرحال ڏک خوشيءَ کان وڌيڪ جٽادار ۽ تمان گهرو اثر ڇڏيندڙ آفاقي اشارو Universal Temporal آهي. حقيقت اها آهي ته بي قراري يا بي آرامي ۽ جمالياتي دنيا تخليق ڪري ٿي، جنهن کي جماليات جي ٻوليءَ ۾ ڏک ۽ سور سڏيو وڃي ٿو. تاريخ جي ورقن مان معلوم ٿئي ٿو ته شاعريءَ جي شروعات ئي سور ۽ پيڙا جي ڪري ٿي هئي. ان حوالي سان اهو قصو مشهور آهي ته جڏهن حضرت آدم عليہ السلام کي جنت مان نيڪالي ڏني وئي هئي تڏهن حضرت آدم عليه السلام سور ۽ تڪليف مان جن لفظن سان پنهنجي من جي ڏکن، جذبن ۽ احساسن، کي جنهن نموني بيان ڪيو هو، اهو ئي شاعريءَ جو پهريون نمونو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو اڪثر ڏاهن يا عقلمندن جماليات جو پئمانو ئي اهو رکيو آهي ته جيڪا شيءَ خوشي يا ڏک ڏئي اها حسين ۽ خوبصورت آهي.

درد ۽ خوشي حياتيءَ جي سڪي جا ٻه پاسا آهن ۽ اهي ٻئي اهڙيون ڪيفيتون آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن نموني، ڪنهن نه ڪنهن وقت ماڻهوءَ سان تعلق يا واسطو جڙي ٿو. جيڪڏهن پاڻ انهن ٻنهي يعني ڏک ۽ خوشيءَ جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪبي ته خوشيءَ کان وڌيڪ موثر، تعميري ۽ تخليقي ڏک معلوم ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ جو خوشيءَ جو انسان يا ماڻهوءَ سان واسطو هڪ مهمان وارو آهي، جڏهن ته ڏک جو ماڻهوءَ سان اهڙو رشتو آهي جهڙو روح جو انساني جسم سان. ڇو جو جئين روح بنا انساني جسم بي معنيٰ ۽ ڪجهه نه آهي ائين ڏک بنا ۽ حياتي بي مقصد ۽ بي وڙي آهي.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN(O): 2709-9644
Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

ماڻهو جي ارتقا ۽ سکڻ جو مک ذريعو ڏک يا سور آهي، چاڪاڻ جو انسان حياتيءَ جي مشاهدن ۽ تجربن توڙي اهنجن مان پرايو آهي ۽ پنهنجي مستقبل لاءِ ڪي راهون هموار ڪندو آهي. هونئن بہ اها تاريخي حقيقت آهي تہ سور يا ڏک ڪڏهن انسان کي ٽوڙيو آهي تہ ڪڏهن وري انهن انسانن کي سگهہ ۽ قوت پيدا ڪري کيس پنهنجي چونڊيل منزل تي پهچايو آهي. درد جي فلسفي بابت مذهبي توڙي غير مذهبي عالمن جا ٽي مختلف نظريا ملن ٿا. پهرئين نظريي مطابق حياتي ڏهاڳ ۽ ڏک آهي . ان کي ڪجهہ اصولن ۽ عملن جي آڌار تي عمل ڪري پرسڪون ۽ اطيمنان بخش بڻائي سگهجي ٿو. هن نظريي جي حامين ۾ گوتم ٻڌ ۽ جرمن مفڪر شو پنهار جن جا نالا سرفهرست آهن. ٻئي نظريي موجب حياتيءَ کي ڏکن ۽ اذيتن جي تپش ۾ رکي، روحاني ۽ بزرگي درجو ماڻي سگهجي ٿو. هن نظريي جي پيروي ڪندڙن ۾ جين مت جي مهاولي مهاوير کان وٺي ڪيترن ئي سنڌو ماٿر جي رهاڪن ۽ آرين جا نالا اچي وڃن ٿا. جڏهن تہ ٽئين نظريي موجب ڏک ئي سکن جي سونهن آهن ۽ اهي اندر کي اجاري ۽ ماڻهوءَ کي پاڻ سڃاڻڻ سان گڏوگڏ خدا کي سڃاڻڻ جو هنر سيکاريندو آهي. هن خيال جي بانين ۾ صوفي ۽ سالڪن جو وڏو انگ آهي. جن ۾ بايزيد بسطاميءَ کان وٺي منصور حلاج ۽ جنيد بغدادي، ابن عربي، غزالي رح ۽ شاهہ لطيف کان علاوه بيا ڪيترائي عالم ۽ بزرگ شامل آهن.

عارف ۽ عاشق ڏک ۽ سور کي سُکن ۽ خوشين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت ۽ فوقيت ڏني آهي. جنهن جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ ڏک انسان جي اندر کي اجاريندو آهي، جنهن ڪارڻ انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ لڳندو آهي. جڏهن تہ سک يا خوشي هوا جي جهونڪي جيان تمام ٿوري وقت لاءِ ايندو آهي ۽ ماڻهوءَ کي تسڪين بخشيندو آهي ان کان علاوه سک انسانن اندر اهڙيون ڪيفيتون پيدا ڪري وڃندو آهي جو هو ٻنا پرن جي اڏرڻ جي خوشفهميون پيدا ڪندو آهي. پر ڏک وڻن جي پاڙن وانگر ڌرتي سان واڳيندو آهي. چو تہ ڏک يا سور نہ رڳو جٽادار ۽ آفاقي معنويت رکندڙ هڪ حقيقت آهي. پر اهو ئي انسان جو شروع کان وٺي ساٿ نڀائيندڙ دوست جيان آهي.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

ڊاڪٽر احسان دانش لکي ٿو تہ ”سونهن جنهن لاءِ حسن، جمال ۽ خوبصورتيءَ جا لفظ بہ استعمال ٿيندا آهن. ان جا انيڪ قسم آهن . سونهن جڏهن جماليات بڻجي ٿي تہ حسن جو فلسفو سمجهائي ٿي. پر سونهن جو هڪ سچ درد ۽ ڏک بہ آهي. درد جنهن ۾ پنهنجي ڌار لذت ۽ لطف آهي. سور جنهن ۾ پنهنجو سرور، ساءُ ۽ سونهن آهي. درد جي سونهن جو احساس ڀٽائي جي ڪردارن مان معلوم ڪجي جيڪي ڏک کي دوا سمجهن ٿا. سور کي سون ورنو ڄاڻين ٿا، درد کي ڏڀ ۽ رنج کي رهنما ٻڌائين ٿا . هن ڪان اڳ اسان درد جي ڪيفيت جي ڳالهہ ڪندي ان لطف ۽ ڪيف جو ذڪر ڪري آيا آهيون جنهن ۾ هڪ الڳ آنند آهي.“ (5)

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ درد جو جمال انتهائي دنگ درجي تي پهتل آهي پاڻ ڏکن کي سکن جي سونهن بہ سڏي ٿو حسن ۽ جمال بہ سڏي ٿو، راحت ۽ سڪون بہ سڏي ٿو. شاهہ لطيف جي ڪلام جا مڙوئي ڪردار سور مان سڪون ماڻين ٿا. جيڪڏهن دنيا جي سمورن شاعرن جي شاعريءَ جو مطالعو ڪجي تہ ڪٿي بہ اهڙو خوبصورت تصور توڙي استعارو ملڻ محال آهي.

شاهہ لطيف وٽ سکن ڪان وڌ ڏکن کي اهميت حاصل آهي ۽ ان مان اتساهُ وٺڻ جي ڳالهہ ڪندي درد جي لذت، سورَ جي سونهن ۽ ڏک جي لذت يا سُواد بابت سر معذوري جي هڪ وائيءَ ۾هيئن چيو آهي تہ:

مدح مون کان نہ ٿئي، سندي سور صفت،
آهي عبدللطيف کي.
حزن هوت پنهون جو، رڳيائي راحت،
آهي عبداللطيف کي.
(شاهواڻي، سر معذوري، داستان پهريون، وائي ١۵)

جڏهن هڪ عقلمند ۽ سالم حواسن وارو يا تکڙ ۾ اثر وٺندڙ ڪاريگر جي اندر ۾ درد يا سور گهر ڪري ويهي ٿو تہ منجهس هڪ تخليقي جوهر پيدا ٿئي ٿو ۽ ڏک جي تپش مان حسن يا جماليات جا جلوہ پسائي ٿو. جنهن سبب شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙا ئي سوين رنگ اپرندي معلوم ٿين ٿا. جنهن بابت ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ لکيو آهي تہ ”ڀٽائي وٽ درد جو تصور موهيندڙ ۽ پرڪشش آهي. هن جي سموري شاعري ڪنهن

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

اهڙي آفاقي درد جو اولڙو محسوس ٿئي ٿو، جيڪو ڪٿي به سندس ذاتي درد محسوس نہ ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي داخليت جي درد کي جنهن اونهي ۽ "سئو فٽ " انداز سان بيان ڪري ٿو تہ اهو نہ رڳو وٽندڙ تي پوي ٿو بلڪ ان ۾ راحت جو هڪ عجيب جهان سموئجندي محسوس ٿئي ٿو." [6]

حاصل مطلب تہ شاهہ لطيف هڪ اهڙو فنڪار آهي، جنهن جون آڳريون سور يا ڏک جي تپش مان سجاڳي ۽ حياتيءَ جي جيئڻ جا خيال تخليق ڪن ٿيون. شاهہ لطيف جو حياتيءَ جي جيئڻ ۽ محبت يا پيار جو تصور يا خيال زميني ۽ حقيقي هئڻ سان گڏوگڏ تخيل وارو آهي . هن جي محبت رڳو وڇڙن واري جي ملاقات تائين ڪانهي، پر اها ڪائنات جي وسعت جيان اڻ ڪٿندڙ ۽ وشال آهي. جنهن ڪري ئي شاهہ لطيف وٽ ئي سور يا ڏک پڻ بين سمورن شاعرن ۽ تخليقارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تخليقي ۽ نرالي انداز ۽ معنويت سان ملي ٿو. آءُ چوندس تہ رڳو شاهہ لطيف جي ڏک جي فلسفي کي سمجهڻ ۽ من يا اندر ۾ سانڍڻ جي اشد ضرورت آهي ڇاڪاڻ جو شاهہ لطيف زندگيءَ جا نوان رازَ ۽ رمزون سمجهائيندڙ فنڪار آهي.

هونئن بہ شاهہ لطيف وٽ ڏک يا سور جو خيال ڪو عام يا رواجي ۽ روايتي انداز وارو ڪونهي پر غير روايتي، منفرد ۽ نرالو يا آفاقيت رکندڙ آهي. شاهہ لطيف جي انهيءَ فن جو اهو ڪمال آهي تہ سندس اظهاريل هر خيال ۾ احساس روح جي گهراين تائين پيهي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو لفظن ڪان رنگن وارو ڪم بہ وني ٿو تہ روح جو بہ، انهيءَ ڪري هن جي شاعري نہ فقط پرتاثير ۽ موهيندڙ آهي، پر اها زندگيءَ جو مڪمل عڪس ۽ احساس پڻ پيش ڪندڙ آهي. اهڙو شاهڪار اظهار شاهہ لطيف سُر حسينيءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي تہ:

ڏُکَ سُکَنِ جي سونهن، گهوريان سُکَ ڏُکَن ري!
جنِـين جِيءَ وِرُونـهـن، سَجَڻُ آيو مان گـري.
(شاهواڻي، سر حسيني، داستان ٦، بيت: ٢٤)

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

سر ڪلياڻ جي هن بيت ۾ شاه لطيف ڪيڏي نہ ڪمال جي ڳالهہ ۽ عجيب خيال کي پيش ڪيو آهي تہ ڪاتي تکي نہ هجي جيئن جلدي ۾ سر وڍجي نہ سگهي لطيف جي ڪردارن کي سر وڍجي وڃڻ جو ڊپ يا خوف نہ آهي پر انهن جي هڪ عجيب خواهش آهي تہ ڪاتي تيز ۽ تکي نہ هجي جيئن سندن محبوب هٿان سسي آهستي آهستي وڍجي ۽ گهڻي دير تائين محبوب جي هٿن جو لمس محسوس ڪندا رهن هو ان درد مان سرور حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.

ڪاتي تکي م ٿئي، مر منيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا.
(شاهواڻي، سر ڪلياڻ داستان ٢، بيت ١٢)

شاه لطيف جڏهن سور يا ڏک کي پنهنجي انفرادي احساس کان مٿي ڪڍي هڪ اجتماعي ۽ آفاقي جذبي ۾ تبديل ڪري ٿو، تڏهن ئي وڃي ڏکن يا سورن ۾ اها سونهن يا جماليات پيدا ٿئي ٿي. ۽ پوءِ شاه لطيف کي اهي سک ۽ شانتيون ئي ڪونہ ٿيون گهرجن جيڪي ڏکن يا تڪليفن جي چاشني چکڻ کان سواءِ ئي حاصل ٿين.

شاه لطيف جي ڪردار سسئيءَ کي تہ پنهنجو محبوب ڏکن عيوض ملي ٿو. پر شاه لطيف مٿئين بيت کي هڪ وسيع ۽ گهري علامت طور پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري سڄڻ يا محبوب رڳو هڪ فرد نہ پر هڪ جڳهہ يا هنڌ يا منزل بڻجي وڃي ٿو. هيءَ اها منزل جنهن جي هر ڪنهن کي طلب آهي. شاه لطيف جي ڪردارن جو ڏک يا سور کي سک ۽ خوشيءَ ۾ اذيت کي لذت ۾ تبديل ڪرڻ ۽ جلال ۾ جمال لهڻ ۽ ڏک يا رنج ۾ سرور حاصل ڪرڻ واري انمول فلسفي جو مقصد ئي آهي تہ شاه لطيف ڪهڙي بہ حالت ۾ ۽ ڪنهن بہ قيمت تي انسانن کي اداس ۽ نراس ۽ پيڙائن ۾ مبتلا ڏسڻ نہ ٿو چاهي، پر انسان کي هر مشڪل گهڙيءَ ۾ هر محاذ تي اڏول ۽ اڻ مٽ، حوصلي ۽ همت جو پيڪر بنائڻ چاهي ٿو، درد جي جماليات ۽ شاه لطيف جي حوالي سان شاه لطيف سر يمن ڪلياڻ ۾ 'پتنگ' جو اهڃاڻ ڪم آندو آهي . جنهن جو مقصد ئي آهي تہ اڏول انسان آهي، جيڪو پنهنجي منزل ۽

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16



مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو سر يا پنهنجي حياتي بہ داءَ تي لڳائڻ لاءِ تيار آهي.

پتنگن پَهُه ڪيو، مڙيا متي مَچَ،
پَسي لَهسَ نه لِڇيا، سَڙيا مَتي سَچَ،
سندا ڳِچين ڳَچَ، ويچارن وجائيا.
(شاهواڻي، سر يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت: ١٦)

اهو امر رهندڙ سور يا ڏک سچ يا حقيقت مان ڦٽي نڪري ٿو ۽ سچ جي پنهنجي هڪ سونهن آهي .جيتوڻيڪ شاهه لطيف پتنگن جي اذيت کي خوشيءَ ۾ تبديل ڪندڙ آهي ۽ اهي پتنگ جيڪي مچ تي موهجي ، باهه جي تپش کان لڇن بہ نہ ٿا ۽ خوشيءَ سان پنهنجي سرن جي وجود کي فنا جي درجي تائين پهچائين ٿا ۽ اهو ئي پنهنجي فنائيءَ وارو جذبو يا احساس سور يا ڏک جي جماليات جي تشريح ڪرڻ ٿو.

پُڇُ پَتنگن کي، سنڌيُون ڪامَڻَ خَبرُون،
آڻيو وجهن آڳ ۾، جِيُ پنهنجو جي،
جيري جنين جي، لڳا نيزا نينهن جا.
(شاهواڻي، سُرُ يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت: ٩)

هڪ ٻئي بيت ۾ ان ڳالهه جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي تہ:

پَتَنگ چايين پاڻَ کي، ته اَچِي آڳِ اُجهاءِ،
پَچَنَ گهڻا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ،
واقفُ تي وِساءِ، آڳِ ئه ڏجي عامَ کي.
(شاهواڻي، سُرُ يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت: ١٠)

اڳتي هن ريت اظهار ڪيائين تہ:

پَتَنگُ چايين پاڻَ کي، پسي مچُ مَ موٽُ،
سهائي سُپَرين جي، ڳهڙُ ته تيين ڳهوٽُ،
اَچا تون اَروٽُ، ڪُوري خبر ئه لَهِين.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

(شاهواڻي، سُرُ يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت: ١٢)

متي بيتن ۾ سور يا ڏک جي انهن حقيقت ۽ حسن کي سمجهڻ جي ڳالھ ٿيل آهي، جنهن ڏانهن شاھ لطيف اشارو ڪيو آهي ڇاڪاڻ جو `پڇڻ کي پچائڻ` اصل ۾ ڏک جو اهو ادراڪ آهي، اهو جڏهن ملي وڃي ٿو تہ من ۾ هڪ مٺي مسرت، سڪون ۽ سرور محسوس ٿئي ٿو.

سور يا ڏک ۾ مسرت جو احساس پاڻ سور يا ڏک جي جماليات جي ساڃاھ بخشي ٿو. ڇاڪاڻ جو پڻائيءَ جو چوڻ آهي تہ انسان سور يا ڏک جي ڪوري ۾ پچڻ کان پوءِ ئي غم جي حقيقت ۽ حسن جي آگاهي ملي ٿي ۽ ان ڳالھ کي هر ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. ان ڪري ئي تہ شاھ لطيف چيو آهي تہ:

واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

(شاهواڻي، يمن ڪلياڻ، داستان ٣، بيت: ١٠)

شاھ لطيف پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ درد جي جمال جا ڪيئي پاسا ڏنا آهن. جيئن شاھ لطيف هڪ بيت ۾ منظر ڪشي ڪئي آهي تہ هڪ طرف ويڄ ۽ طبيب آهي جيڪو مريض کي علاج ڏيڻ لاءِ تيار آهي، ٻئي پاسي اهو اگهو آهي جيڪو سگهو ٿيڻ چاهي ئي نہ ٿو. اها اهڙي خود اذيتي آهي جنهن ۾ هڪ لذت آهي، ان ڏک ۾ هڪ سرور ۽ سونهن آهي. مريض کي سور يا ڏک ان ڪري سنو ٿو لڳي جو ان پنيان هڪ اميد آهي. سڄڻ سان ملڻ جي اميد ، جيڪو مريض جي تڙپڻ واري حالت تي ترس کائي پڇڻ اچي سگهي ٿو. ان سموريءَ ڳالھ جي منظرڪشي هن بيت مان ملي ٿي:

ويڄ! مَ ٻُڪي ڏي، اَلا! چڱي مَ ٿيان،
سڄڻُ مان اَچي، ڪرلاهُو ٿي ڪڏهين.

(شاهواڻي، سر يمن ڪلياڻ، داستان ٢، بيت: ١٤)

اِڳتي هلي جڏهن اهو انسان ڏک جي ڪوري ۾ سڙي ٿو تڏهن هن سان اها وصل جي چڱائي ٿئي ٿي ۽ ان ڏک يا درد جي جماليات جو اندازو شاھ لطيف جي هن بيت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ:

دَردُ نہ لَهي دارُوئين، زُلفَ زورُ ڏِنومِ،
ڪاڪُلُ ڪالهہ ڏِنومِ، رُخسارَ تي روپَ سين.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16
ماخذ تحقیقی مجلہ

(شاهواڻي، سر سسئي آبري، داستان ٦، بيت: ٢)

هڪ هنڌ شاهه لطيف چوي ٿو تہ جن انسانن ڏک کي پنهنجي اندر سمايو، تن کي ئي صحت ملي، چاڪاڻ جو ڏک کي سيني سان لائڻ حقيقت ۾ سور يا ڏک جي جماليات جي آشنائيءَ ڏانهن اشارو آهي. پر شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ان ڳالهه کي سڌو ڪندي فرمائي ٿو تہ عاشقن کي مصيبت مٺي لڳندي آهي، جنهن جو اظهار هن ريت ٿيل آهي تہ:

اَگِهي اَگهائِي، رَنجُ پِريان کي رَسيو،
چَکِيَم چڱائِي، سورانگهي سُورِيءَ تان.
(شاهواڻي، سُرُ ڪلياڻ، داستان ٢، بيت: ١)

سُوري آهِ سينگارُ، اَڳِهين عاشِقَنِ جو،
مُڙَڻُ موٽَڻُ ميهَڻو، ٿيا نظاري نِروارُ،
ڪُسَڻَ جو قرارُ اَصلِ عاشقن کي.
(شاهواڻي، سُرُ ڪلياڻ، داستان ٢، بيت: ٥)

سُورِي سِينگاري، اَصلِ عاشقن کي،
لُڏيا ڪِينَ، لطيفُ چي، ٿيا نيزي نِظاري،
ڪونيو ڪِناري، آڏِيو چاڙهي اُن کي.
(شاهواڻي، سُرُ ڪلياڻ، داستان ٢، بيت: ٦)

سُورِيءَ چڙهڻُ، سيجَ پَسڻُ، اِيُ ڪَمُ عاشِقَنِ،
پاهُون ڪين پسن، سائو هلن سامُهان.
(شاهواڻي، سُرُ ڪلياڻ، داستان ٢، بيت: ٨)

شاهه لطيف انهن عاشقن جي باري ۾ پنهنجا ويچار ونديندي چوي ٿو تہ:

سوري سينگاري اصل عاشقن کي ،
لڏيا ڪين لطيف چئي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪونيو ڪناري، آڏيو چاڙهي ان کي.
(شاهواڻي، سُرُ ڪلياڻ، داستان ٢، بيت: ٦)

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN(O): 2709-9644
Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

عاشق ويچارا اهي سور يا ڏک برداشت ڪندا آهن چاڪاڻ جو سور هنن کي منا لڳندا آهن، انهن سورن کي سيني سان سانديڀ پنهنجي سرير جي صحت سمجهن ٿا. سورن کي سڏي سيني سان لائڻ، انهن مان اذيت ۽ عذاب بجاءِ قرار حاصل ڪرڻ ئي درد جي جماليات آهي جنهن جو اظهار شاه لطيف وٽ هن ريت آهي ته:

سُورُ جَنِين کي سَرِيو، سَري تَن صِحَتَ،
مُنِي مُصِيبَتَ، آهي عاشقن کي.
(شاهواڻي، سُرُ يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت: ٣)

اها سور جي مني مصيبت سر ڪلياڻ کان شروع ٿي سر ڪوهياريءَ تائين وسيع انداز ۾ ڦهليل آهي. سور ۽ ڏک سان اهڙو پيار يقيناً ڏک جي جماليات جو استعارو آهي.

پَرتوو پُنهُونءَ جو، رُڳيائِي راحَتَ،
پانيان ڏِينهُن پَوارَڻُون، ساجَنَ لاءِ صِحَتَ،
مِنِي مُصِيبَتَ، آهي آرِيءَ جامَ جِي.
(شاهواڻي، سر ڪوهياري، داستان٤، بيت: ١٢)

شاه لطيف جو هر ڪردار ڏک مان لطف حاصل ڪري ٿو، چاڪاڻ شاه لطيف پاڻ به سور يا ڏک جي سرور کان واقف آهي. شاه لطيف جي سورميءَ سسئيءَ ڏکن ۽ ڏرتن ۾ اهڙو ته سرور ۽ مزو اچي ويو آهي جو هن سکن جي طلب ئي ڪانه پئي ڪري. شاه لطيف هن سر جي معرفت ان ڳالهه کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيڪڏهن انسان جي اندر ۾ محبت آهي ته سور ۽ تڪليفون انسان لاءِ سينگار بڻجي وج
ن ٿيون. جنهن سبب ئي سسئيءَ جي اج ۽ اساٽ ڪڏهن ختم ئي ڪانه ٿي:

سُکَنِ وارِي سَڌَ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري،
اَندَرُ جَنِين اَڏَ ڏُونگر سي ڏورِينديُون.
(شاهواڻي، سُرُ سَسُئي آبِري، داستان ٤، بيت: ٥)

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16

ڪيچِ نه جُنبَڻَ جاءِ، ته ڪا هَلي هوٿ ڏي،
مُون سين هَلي ساءِ، جا جِيءُ مِنو نه ڪَري.
(شاهواڻي، سُرُ سَسُئي آبِري، داستان ٤، بيت: ٣)

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، تنهي ڏنمِ ڏُکَ،
سي سَيِ پائيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوٿ جي.
(شاهواڻي، سُرُ ديسي، داستان ١، بيت: ٢)

وِجهه وَڏندِي وِکَ، مَچُڻِ لِکَ لَکائِيين،
ڏُکُ تَنِين کي ڏِکَ، حُبَ جَنِين کي هوٿ جي.
(شاهواڻي، سرُ حُسيني، داستان ١٠، بيت: ٢)

پَسِي جهاجهَه جَمالَ جِي، جَنِين پيتِي پِڪَ،
اَپَرِ اُڳانجهو تِيو، سُورُ اُنين کي سِڪَ،
هَڏِ نه پَڳِيَنِ هِڪَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.
(شاهواڻي، سُرُ سَسُئي آبِرِي، داستان ١، بيت: ٤)

**حاصل مطلب:** شاه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ درد کي انتهائي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي درد کي روح جي راحت، سگهه ۽ سڪون عطا ڪندڙ، حقيقي منزل جو گس ڏيکاريندڙ سونهون سڏيو آهي، درد کي تڪليف نہ پر ساجاه سمجهيو آهي. شاه لطيف جي ڪلام جا ڪردار سڪن جون سڏون نہ تا ڪن پر ڏکن جا پهاڙ ڏوري انهن ڏکن مان ڪيف، قرار، سڪون ۽ سرور ماڻن ٿا، ڏکن کي ئي زندگيءَ جو حقيقي حسن سمجهن ٿا ۽ اهي ڪردار ان ڳالهه ۾ ئي يقين رکن ٿا تہ ماڳ اهي ئي ماڻي سگهندا جيڪي سڪن واري سيج تي ويهڻ بدران ڏکن جي ڏوليءَ ۾ سوار ٿي جستجو جاري رکن ٿا.

## حوالا

١.شيخ، اياز، جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ساهت سيا پبليڪيشن، الهاس نگر، ڇاپو پهريون، سال ١٩٨٣ع، ص، ١٨٠ ۽ ١٨١
2. اختر، سليم، مغرب مين نفسياتي تنقيد، سنگ ميل پبليڪيشنز، لاهور، سال ١٩٩، ص، ١٣٠.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-16
ماخذ تحقیقی مجلہ

3. حيدري، شمشير، مقالو: سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات، سنگت شاعري نمبر، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ، ص، ٢٩
4. حيدري، شمشير، مقالو: سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات، سنگت شاعري نمبر، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ، ص، ٣٠
5. دانش، احسان ڊاڪٽر، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو فلسفو، پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، ڇاپو پهريون، سال سيپٽمبر ٢٠٢١ع، ص ١٠٩ .
6. مهراڻي، شير ڊاڪٽر، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، سال ٢٠١٣ ع، ص ١٦٤ .

مددي ڪتاب

١. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهه جو رسالو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو ڇهون، ٢٠١٢ع
٢. قليچ بيگ، مرزا، شمس العلماءِ، شاهه جو رسالو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٧ع
٣. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو، شارح، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠١٦ع

**نوٽ:** هن مقالي ۾ ڏنل شاهه لطيف جا بيت هيٺ ڏنل رسالي مان کنيل آهن:

(۵) شاهواڻي، غلام محمد، شاهه جو رسالو، سنڌيڪا پبليڪيشن، ڪراچي